ڊاڪٽر سيد عالم شاهه
۽ ڊاڪٽر شير مهراڻي

# شاهه جي شاعريءَ ۾ وحدت الوجود جو تصور


## Abstract

*Shah Abdul Latif Bhitai (1689-1752) as a versatile poet mainly focuses on the mystic world of eternity [Platonic world of ideas or eternal forms] in his poetry. Shah Abdul latif's Poetry is replete with the notions of Humanism in terms of philanthropy, sympathy and love for mankind. Simultaneously, Shah admires cosmos as the renowned creation of God; the creator. His poetry demonstrates the innermost love of a man with beauty of nature, transcendence and metaphysics of morals and sense of justice. If we critically analyze his poetic leaning towards Sufism he seems to amalgamate the creator and creation as the unity of all Being [oneness]. The content of his poetry is unity of all beings in one and same Being. This message deconstructs the metaphysical basis of duality and emphasizes symmetrical unity of all beings into single most Being of cosmos. This does not mean that Shah rebuffs diversity and plurality of beings. His emphasis is on the unity of all plurals into single, most Being of all beings. Thus, unity of beings [oneness] or assimilation of beings in Being is the core philosophical thirst of Shah's poetry. Shah emerged from the culture of Mysticism, so his poetry is encumbered with the philosophical notions of unity of all Being. The entire teaching of mysticism is based on cosmic singularity around humanism, self-appraisal, self-knowing [Irfaan e zaat], sacrifice and simplicity. According to Dr. Sorely, mysticism is an emotional attitude of man towards God or the Divine. In this research paper we have explored the poetry of Shah Sahab, demonstrating the emotional attitude of man towards Divine as the primordial source of the absolute unity of all beings into Being. Since, Shah ontologically unifies Human reality with divinity through patience, reason and intellect, it is not correct to say that Shah's poetic mysticism prioritizes emotions over reason and intellect. Rather, he unifies emotions, reason and intellect to penetrate path into reality. Therefore, reality is unity and unity is oneness of the Being of beings. Human beings can uncover the eternal truth by ushering their hearts with the sense of justice, love, peace and brotherhood. The metaphysics of morals beyond human emotions is the guiding principle of the unification of man with Being. This is how we have excavated the path of Sufism from the poetry of Shah. We have reconstructed the poetic vision of Shah Abdul Latif Bhitai on the philosophical and historical background. It is a universal message; though his poetry is culturally specific and historically determined.*


**انسان** کي ڳولها جو عظيم ۽ اجهاڳ سمنڊ ان وقت جهاڳڻ جو خيال آيو جڏهن سندس اندر ۾ سوال اڀريا ته هو ڪير آهي؟ ڪٿان آيو آهي؟ ڪيڏانهن ويندو؟ هن خدا جي وجود جي تصور ۾، اصل ۾ پنهنجي وجود جي اصليت ڳولهڻ تي گهري. هن ڳولها شروع ڪئي ۽ مختلف مذهبن توڙي عقيدن ۾ ان کي ڳولهيندو رهيو. ڳولها جو اهو سفر جيڪو 'پاڻ' کان شروع ٿيو، 'پاڻ' تائين پڄاڻيءَ تي پهتو.





"I searched for God among the Christians and on the Cross and therein I found Him not.I went into the ancient temples of idolatry; no trace of Him was there. I entered the mountain cave of Hira and then went as far as Qandhar but God I found not. With set purpose I fared to the summit of Mount Caucasus and found there only '*anqa's* habitation. Then I directed my search to the Kaaba, the resort of old and young; God was not there even. Turning to philosophy, I inquired about him from Ibn Sina but found Him not within his range. I fared then to the scene of the Prophet's experience of a great divine manifestation only a "two bow-lengths' distance from him" but God was not there even in that exalted court. Finally, I looked into my own heart and there I saw Him; He was nowhere else."(1)

جيئن ته شعور جي اک کوليندي ئي انسان پنهنجي آسپاس تمام وڏو موهيندڙ جهان ڏٺو، ان ڪري هِن اُن جهان کي پرکڻ ۽ پُرجهڻ تي گهريو. هن پنهنجي چوڌاري حسن ۽ سونهن جا سوين سمنڊ موجزن ڏٺا. هڪ پاسي پکين جون من موهيندڙ لاتيون هيون ته ٻي پاسي سج، چنڊ، ستارا ۽ سيارا، ڪڪر، ٽڪر، ڇپر، ڇمر، مينهن جون ڇاٽون ۽ لاٽون، ڪڪرن جون قطارون، ڪنوٽين جا ڪجڪا، گوڙين جا گجڪا، وڄن جا واڪا ۽ وراڪا، هيرون ۽ هوائون، راتيون ۽ راتين جي پڄاڻين تي صبح جا موهيندڙ منظر ۽ دل لڀائيندڙ داستان؛ مطلب ته انسان جيڏانهن ٿي ڏٺو ته هن کي اوڏانهن جمال ۽ جلال جا جلوا نظر آيا. هن جهاڳڻ ۽ جاڳڻ شروع ڪيو. جهاڳ ۽ جاڳ جو اهو سفر اڄ تائين جاري آهي ۽ نه ڄاڻ ڪيستائين جاري رهندو؟

هر فرد اها ڳولها پنهنجي طريقي سان ڪئي آهي. فلسفي وجود جي ماهيت جا سوال علم جي عميق ساگر ۾ ڳولهي ٿو ته هڪ مذهبي ماڻهو، مولوي، پنڊت، پادري ڳولها کي پنهنجي پنهنجي مذهب سان منسوب ڪري ٿو ته صوفي وجود کي وحدت الوجود جي پيرائي ۾ جاچي ٿو.

وحدت الوجود/همه اوست يا 'پينٿي ازم' يوناني لفظن: 'پين' معنيٰ 'سڀ' يا 'ڪُل' ۽ 'ٿيوس' معنيٰ 'خدا' مان ورتل آهي، يعني 'هي سڀ ڪجهه خدا آهي' جهڙي فيلسوفياڻي نُڪتي مان ورتل فڪر يا نظريو آهي. وحدت الوجود تصوف جو اهڙو نظريو آهي جنهن جي پيروڪارن توڙي پيشڪارن جو اهو چوڻ آهي ته هر شيءِ خدا آهي. هن نظرئي بابت ڊاڪٽر فلنٽ چوي ٿو: "جتي به اسان کي شين جي ابتدا بابت فڪر ملي ٿو، اتي اسان کي وحدت الوجود جو پتو ملي ٿو."(2)

وحدت الوجود جا اشارا مختلف ڏاهن وٽ ملن ٿا. وحدت الوجود بابت پهرين پيرائتي ڄاڻ اپنشدن ۾ ملي ٿي، ڇاڪاڻ ته قديم اپنشد 'ذاتِ واحد' ۽ ڪائنات جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هڪ ڳانداپي جي ڳالهه ڪن ٿا. ان فڪري نڪتي مان وحدت الوجود جو جوهر نڪري ۽ نڪري ٿو.

”آرفيس نالي هڪ شخص انهن ويچارن کي باضابطہ شڪل ڏني، جيتوڻيڪ سندس خيال سامي ۽ زرتشتي عقيدن جو نتيجو هئا. هو انسان ۽ خدا جي وچ ۾ ڳانداپي ۽ هم آهنگيءَ جو قائل هو، جنهن لاءِ هن ’آرفيوس‘ ۽ ’ٿيورا‘ جا لفظ استعمال ڪيا. جنهن مان مراد انسان جي اها نفسياتي حالت هئي جنهن ۾ جذبات جي شدت جي زير اثر هُو پنهنجي هستيءَ کي پلجي وڃي ٿو، ۽ پنهنجي پاڻ کي خداءِ برتر جو پرتوو يا سيالو سمجهي ٿو.“(3)

ائين فرد جي ڳولها مختلف نمونن ۾ رهي، جيڪو بظاهر پنهنجي اصل کي ڪٿي بہ نٿو لهي، پر جي پنهنجي پاڻ ۾ ڏسي ٿو تہ هو ڪيس هر هنڌ نظر اچي ٿو، چاڪاڻ تہ خدا آدم(انسان) کي پنهنجي عين تصور موجب خلقيو آهي.

“God created Adam in His Own image.”(4)

پر اها تخليق ڪنهن بہ طرح سان جسماني طور خدا جهڙي نہ هئي بلڪہ اها روحانيت ئي آهي، جنهن لاءِ ائين چيو ويو آهي. حضرت عليؓ پڻ ’نهج البلاغہ‘ ۾ فرمائي ٿو:

“His (God’s) existence is eternal. He did not come into being at some period of time, neither He was created. He is with everything but not physically and bodily. He is away from everything but not by way of bodily distance or of being unconcerned and uninterested and indifference to it… He was seeing even when there was no created thing to see.”(5)

نَڪا ’ڪُنَ فَيَڪُون‘ هُئي، نَڪا مُورَتَ ماهَ،
نَڪا سُدِ ثَوابَ جِي، نَڪو غَرضُ گُناهَ،
هيڪائي هيڪ هُئي، وَحدانِيتَ واهَ،
لَکِيائِين لَطِيفُ چَئي، اُتِ ڳُجهاندَرَ ڳاهَ،
اکِيُن ۾ اَرواحَ، اِها ساجاءِ، سُپرين!
(سُر مارئي، داستان پهريون، بيتَ ٽيون)

ڳولها جو سفر انسان جي شعور جي نشاني ۽ اهڃاڻ جو پهريون پنڌ آهي. شعور ۽ آگهيءَ جو ڏنجهہ جڏهن انسان کي ستائي ٿو تہ هو ڳولها لاءِ سندرو ٻڌي نڪري پوي ٿو، پر وحدت الوجود موجب جنهن کي انسان ڳولهي ٿو، اهو هو پاڻ آهي.

پُنهون ٽِيَسِ پاڻهين، ويئِي سَسُئِيءَ جي سُونهنه،
خَلَقَ آدَمَ عَلىٰ صُوَرَتِهٖ، اِئن وَٽِن مَنجهہ وِرُونهَه،

چَرِيءَ مَنجهان چُونهَ، ڪَٽِي هوتَ هنجِ ڪيو.
(سرسسئي آبري داستان 5، بيت 4)

صوفي ان ڳولها جي طفيل ڏٽيءَ جو ديدار طلبي ٿو. صوفي کي سواءِ ’حسن مطلق‘ جي جلوي ۽ وجداني سچائيءَ جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿو گهرجي. ان لاءِ هو سوچي ٿو، لوچي ٿو، ڳولهي ٿو ۽ نيٺ لهي ٿو، پر ان اڙانگي پنڌ ۾ هو گهڻو ڪجهہ سهي ٿو. اصل ۾ صبر ۽ سهپ ئي اها وٿ آهي، جنهن وسيلي هو معرفت جا موتي وٺي ٿو.

سوڍا! صَبرُ تُنهنجو، بي عَقُلَ آٽي بازِ،
سندي صَبُرَ سازِ، توبَهَ ڪارِيَمِ تَڪِڙي.
(سر مومل راڻو، داستان 8، بيت 6)

چاڪاڻ تہ:

’ووءِ! ووءِ!‘ ڪَندِي وَتُ، مَڇُڻِ ’ووءِ!‘ وِسارِئين!
پاڻِي هار مَ پَڌِرو، روءُ مَنجهان ئي رَتُ،
صَبُرُ وڏو سَتُ، سِگها ميڙي سُپِرين.
(سُر حسيني، داستان 12 بيت 2)

شاهه صاحب صبر کي ست/سگهہ/طاقت سڏيندي چوي ٿو، ڳولها بہ ڪر، پر صبر سان، ان ڳولها جي اڙانگي سفر جي سختين ۽ ڏکيائن تي پاٽيءَ وارا ڳوڙها نہ ڳاڙ، جي روئين تہ رت روءِ.

شاهه لطيف جو ڏس اهو ئي آهي تہ انسان فڪر ڪري ۽ ان فڪر جي ڦرهيءَ سان ئي ان حال حقيقي کي ڳولهي سگهي ٿو، جنهن کان جدا ڪيو ويو آهي. شاهه صاحب چوي ٿو، پرياڻ جي پنڌ بدران نهاري ڏس تہ هوت تنهنجي هنج ۾ ئي آهي:

هوتُ تُنهنجي هنجَ ۾، پُڇين ڪُوهُ پَرِياڻُ؟
وَنَحنُ اَقرَبُ اِلَيهِ مِنَ حَبلِ الوَرِيدِ، تُنهنجو توهين ساڻُ،
پنهنجو آهي پاڻُ، آڏو عَجِيبَنِ ڪي.
(سُر سسئي، آبري، داستان پنجون، بيت نائون)

ووڙِيَمِ سَبِ وَٽانَ، يارَ ڪارَڻِ جتَ جي،
اَللّٰهُ بِڪُلّ شَيءٍ مُحِيطُ، اِي آرِياڻيءَ اُهڃاڻَ،
سَبَ ۾ پُنهون پاڻَ، ڪِينهي ٻيو ٻَروچَ ري.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(سرسسئي آبري، داستان 5، بيت 10)

شاهه لطيف پنهنجي لطيف ۽ نفيس انداز سان وحدت الوجود جي ڳالهه ڪئي آهي. سندس اظهار دلگداز ۽ وڻندڙ آهي:

پاڻَهِين جَلَّ جَلَالَهٗ، پاڻهِين جانِ جمالُ،
پاڻهِين صورت پِرينءَ جي، پاڻهِين حُسن ڪَمالُ،
پاڻهِين پير مُريد ٿئي، پاڻهِين پاڻَ خيالُ،
سڀ سيوئي حالُ، منجهان ئي معلوم ٿئي.

( سُر ڪلياڻ، داستان پهريون، بيت ٻارهون)

وحدت الوجود موجب فطرت جي سيني شين ۾ هم آهنگي ۽ ڪٿي نہ ڪٿي ضرور ميلاپ آهي ۽ ان ميلاپ جو مرڪز 'ذاتِ واحد' آهي.

"The proportion, measure and harmonious relationship among the parts of any complex natural whole that yielded beauty or the pleasing perception of beauty could then be said to be derived altogether from the simple or unified or completely non-relational, indivisible, inherent Beauty of God."(6)

لطيف چوي ٿو:

پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيءَ جو جي لَهِين،
هُئا اڳَهِين گڏ، ٻُڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.

( سر ڪلياڻ، داستان پهريون، بيت چوڏهون)

افلاطون هن دنيا کي اصل دنيا يا حقيقت جو پاڇو ۽ نقل ڪوٺيو. سندس خيال هو تہ هيءَ موجود دنيا ڪنهن اصلي ۽ ازلي دنيا جو عڪس/اولڙو يا پاڇولو آهي. ساڳي ڳالهه اسان کي هيگل وٽ ملي ٿي. سندس پيش ڪيل 'گِسٽ' وارو تصور اصل ۾ حقيقت جي هيڪڙائيءَ جو تصور آهي. شاهه هن دنيا کي پاڇو نہ ٿو سڏي بلڪ هُن کي هِن دنيا ۾ چوڌاري حقيقت ڪٿي باحجاب تہ ڪٿي بي حجاب نظر اچي ٿي. هُو لکين لک هزارن ۾ پريم جا پار ڏسي ٿو، ڇاڪاڻ تہ حقيقت جو حقيقي نُڪتو تہ پريم ئي آهي.(7)

ڪوڙين ڪايائُون تُنهنجيون، لِکَن لَکَ هزارَ،
جِيءُ سيڪنهن جيءَ سين، دَرسن ڏارون ڏارَ،
پِريَمِ! تنهنجا پارَ، کهڙا ڇئِي ڪيئن چوان.

( سُر ڪلياڻ، داستان پهريون، بيت سورهون)

وحدت الوجود انسان کي هيڪڙائيءَ جي سڳي ۾ قابو ڪري رکڻ جو نالو





آهي ۽ اهو سڳو محبت جي تند سان تيار ڪيل آهي، ۽ اها تند آهي جيڪا ڏاتار ۽ مڱڻي کي هڪ ڪري، وچين وسيلي يا فرق کي ختم ڪري ڇڏي ٿي:

ڏاتارَ ۽ مَڱڻي، ڪونہ وسِيلو وِچِ،
سائِي تالَ تَندُنِ جِي، سائِي چارَڻَ چِتِ،
جي هِتي جي هُتِ، تہ ڳالهِ مِڙيائِي هيڪِڙِي.

(سُر سورٺ، داستان ٽيون، بيت چوٿون)

وحدت الوجود انسان جي اهڙي نفسياتي ڇڪ ۽ ڪشش آهي جنهن وسيلي هو پنهنجي ماحول مان اثر پرائي، پنهنجي نفسياتي لاڙي جي توجيهه ڪندو رهي ٿو. اهي ماڻهو جيڪي ڇيڪي مٽيءَ تي رهيا ۽ ڌرتيءَ جو سينو چيري، ان اپائي پنهنجي نسلن جي بقا لاءِ آجپي جو مقام ڳولهيندا رهيا، انهن "هر شيءِ کي پنهنجي اصل ڏانهن موٽڻو آهي" واري فڪري نُڪتي کي پنهنجي سيني سان لائي ورتو هو. هر شيءِ کي پنهنجي اصل ڏانهن موٽڻ وارو نُڪتو ئي اصل ۾ وحدت الوجود جو بنيادي نُڪتو آهي، جنهن تي هن فڪر جي عمارت بيٺل آهي.

"The religious belief or philosophical theory that God and the universe are identical (implying a denial of the personality and transcendence of God); the doctrine that God is everything and everything is God."(8)

"وحدت الوجود موجب هيءُ سڀ ڪجهه جيڪو نظر اچي پيو يا نظرن کان اوجهل آهي، يا تصور ۾ اچي سگهي ٿو، اهو خدا ئي آهي، يعني ڪائنات ۽ مخلوق ۾ ٻيو ڪجهه بہ ناهي بلڪ خدا جو وڪريل وجود آهي."(9)

هتي هڪ ڳالهه پڌري ڪجي ٿي تہ، وحدت الوجود موجب صرف ڪثرت جي صورت کي ئي خدا جي تصور سان ڀيٽي سگهجي ٿو، ڪابہ هڪ يا واحد شيءِ خدا ناهي. 'ڪثرت ۾ وحدت' وارو اصطلاح ئي ان منظرنامي کي چٽو ڪرڻ جو دليل آهي، جنهن لاءِ ڀٽائي بادشاهه چوي ٿو:

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُ،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻوليءَ ٻِيءَ مَ ڀُلُ،
هُو هُلاچو هُل، باالله سندو سڄڻين.

( سُر ڪلياڻ، داستان پهريون، بيت يارهون)

ابن عربي 'فتوحات مڪيہ' ۾ هڪڙي دلچسپ ڳالهہ لکي آهي، هو چوي ٿو: "هيءُ جيڪو منهنجي هٿ ۾ قلم آهي، ان ۾ خدا موجود آهي، ان قلم کي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جيڪڏهن ٽوڙي ٻه اڌ ڪريان تڏهن به انهن ٻنهي حصن ۾ خدا موجود هوندو. ٻن ڇا ڏهن حصن ۾ ٽوڙيان ته ڏهن ئي حصن ۾ خدا هوندو، بلڪ ايترا ذرڙا ڪريان جو انهن کي وڌيڪ نه ٽوڙي سگهجي تڏهن به انهن مان هر هڪ ذرڙي ۾ خدا موجود هوندو.“[10]

ابن عربيءَ جي هن مقولي مان پارٽيڪل فزڪس جي ماهرن پاران لڌل ’گاڊ پارٽيڪلس‘ جي موجودگي ۽ انهن ۾ لڪل حقيقت جي جوهر واري ڪوجنا کي هٿي ملي ٿي:

هُو پڻُ ڪونهي هِنَ ري، هِيُ نَه هُنَهان ڌار،
”اَلاِنسَانُ سِرِّيَ وَ اَنَا سِرُّهٗ“، پَرُوڙج پَچارَ،
ڪَندا وِيا تَنوارَ، عالِمَ عارِفَ اَهڙِي.

(سر آسا، داستان پهريون، بيت چوٿون)

”وحدت الوجود جو فڪر تمام گھڻو قديم آهي. اهو اُهو ئي فڪر آهي جنهن ۾ انسان دوستيءَ کان وٺندي ماڻهپي، محبت ۽ فطرت سان بيپناهه انسيت جو درس لڪل آهي.

“وحدت الوجود جو مسئلو ڪنهن ڇيڙيو ۽ ڪڏهن شروع ٿيو، تنهن جو يقيني فيصلو ڪري نٿو سگهجي. زهد ۽ عبادت، تقويٰ ۽ رياضت جي زماني بعد جڏهن تصوف خاص رنگ ورتو، مٿس جديد افلاطوني فلسفي ۽ ٻين قومن جي روحاني خيالن جو اثر پيو، تڏهن انهيءَ طبقي جا ماڻهو صوفي سڏجڻ لڳا. انهن تفڪر ۽ ڪشف تي وڌيڪ زور ڏنو، ۽ انهن جي قلب تي جيڪي غيبي اطوار ۽ مشاهدا طاري ٿيا، تن کي انهن استغراق ۽ محويت جي حالت ۾ اچانڪ ظاهر ڪري وڌو.“[11]

وحدت الوجود جي فلسفي ۽ مسئلي کي سمجهائيندي ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب، جنيد بغداديءَ جا هي قول قلمبند ڪيا آهن:

* جو شخص سواءِ مشاهدي جي، ’الله چوائي‘ اهو ڪوڙو آهي.

* جيسيتائين تون خدا ۽ بندو چوندين تون شرڪ ۾ آهين، بلڪ عارف ۽ معروف هڪڙو آهي. جيئن چيو اٿن ته: ”درحقيقت اهو آهي، هتي خدا ۽ ٻانهون ڪٿي آهي، يعني سڀ خدا آهي.“

* تصوف اهو آهي جو خدا توکي توکان ماري(ڌار ڪري) ۽ پاڻ جيئرو(گڏ) ڪري.

جَرِ ٿَرِ تِڪَ تَنوارَ، وَڻ ٽِڻ وائِي هيڪڙِي،
سيئِي شَيءِ ٿِيا، سُورِيءَ سَزاوارَ،





هَمَه مَنصُورَ هَزارَ، ڪَهڙا چاڙهيو چاڙهئين؟

(سُر سهڻي، داستان نائون، بيت پهريون)

(ڪجھ رسالن ۾ ”جَرِ ٿَرِ تِڪَ تَنوارَ، وَڻ ٽِڻ وائِي هيڪڙِي“ واري سٽ ۾ ”وَڻ ٽِڻ وائِي هيڪڙِي“ جي جاءِ تي، ”وحدت وائي هيڪڙي“ به ڪتب آندل آهي. مفهوم ٻنهي سٽن ۾ لڳ ڀڳ ساڳيو ئي نڪري ٿو.)

شاهه صاحب وحدت الوجود واري فڪر ۽ نظرياتي اونهائيءَ کي پنهنجي منفرد سڃاڻ يعني لطيف ۽ نفيس نموني بيان ڪيو آهي. هو هڪ اهڙو گهرو سمنڊ آهي، جنهن جي اندر ۾ ته سوين طوفان آهن، پر سندس سطح تي پُرسڪون ۽ لطيف خاموشي، ترنم ۽ جمال آهي. سندس اظهار ٿڌڙي هير جي ڪُئنرن ۽ دلگداز جهوٽن جهڙو آهي. جنهن جو ڇُهاءُ وڻندڙ ۽ پنهنجائپ جو احساس ڏياريندڙ آهي. هن ۾ ذوالنون مصريءَ واري سستي به ناهي، نه سچل سرمست واري سرمستي ۽ مستي به ناهي، نه وري سرمد واري سرمدي ۽ منصور حلاج وارو جلال ۽ ڪليو اظهار آهي (جيئن مرزا غالب چيو آهي ته، ”اسان جي قطري ۾ به سمنڊ سمايل آهي، پر اسان ۾ منصور واري ’تُنق ظرفي‘ ناهي“، پر شاهه سائين وحدت الوجود کي اهڙي ته لطيف نموني سان اظهاري ٿو جو وحدت الشهود جو حامي به سندس لفظياتي آهنگ ۽ فني معراج ڏانهن مرغوب ٿيو پوي ٿو. حلاج برملا چئي ڏنو هو: ”آئون اهوئي آهيان جنهن کي آئون پيار ڪريان ٿو ۽ جنهن کي آئون پيار ڪريان ٿو، آئون سوئي آهيان. اسين ٻه روح آهيون جيڪي هڪ ئي بدن ۾ حل ٿيا آهيون.“[12]

حلاج ان ڪان به اڳتي نڪري ’انالحق‘ جو نعرو هنيو ته بايزيد بسطامي ’سبحاني ما اعظم شاني‘ (پاڪائي جڳائي مون کي ڪيترو نه عظيم شان آهي منهنجو) جي صدا بلند ڪندي آخر ۾ چئي ڏنو ته: ”ڪوئي به الله ڪونهي سواءِ منهنجي، منهنجي عبادت ڪيو.“[13]

بايزيد بسطامي پڻ وحدت الوجود جي فڪري پيرائي کي انتهائي ڪليل ۽ وائکو ڪري ڇڏيو، ايترو ڪليل جو ان ۾، ان پيرائي جي نفيءَ جا امڪان نظر ٿا اچن. سچل سرمست به مستي ۾ اچي ”ايجها ڪم ڪريجي جنهن وچ الله آپ بڻيجي“ يا ”نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار“ جهڙيون سٽون چئي ويٺو، پر سهڻو لطيف ڪٿي به جذباتيت جي اڇل ۾ اچي اندر جي عميق طوفان کي سڌو سنئون ٻاهر نه ٿو ڪڍي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عالَم آئُون ساڻ، پَريو ٿو پيرَ ڪري،
پاڻ نہ آهي چاڻُ، مانڊِيءَ مَنڊُ پڪيڙيو.
(سر يمن ڪلياڻ، داستان 5، بيت 9)

جيتوڻيڪ سندس اظهار مان هو ڄاڻ جي ان درجي تي فائز نظر اچي ٿو ڄڻ تہ سڀ ڪجھ سندس سامهون پئي ٿيو آهي. شاهہ صاحب سڀ ڪجھ ڄاڻندي بہ ايترو تہ متوازن نظر اچي ٿو جو سندس ڪنهن هڪ سٽ کي بہ عقلي توڙي وجداني سطح تي رد نٿو ڪري سگھي. سندس ڪلام تصوف ۽ عرفانيت جون سڀئي سرحدون رکندي بہ عميق، وشال ۽ لطيف آهي.

پيروو پيچ مَ ڪاپڙي! لاهي ويهہ مَ لاڳ،
تان مون هينئڙو ماڳَ، جان تون جوڳي جوءِ ۾.
(گربخشاڻي، سُر مومل راڻو، داستان 8، بيت 4)

ڊاڪٽر دائود پوٽو لکي ٿو:

”شاهہ محض وجودي هو، پر سندس وحدت الوجود جو متو اهڙي سهڻي نموني ۾ سنواريل آهي جو ڪو بہ اهل ظاهر مٿس اعتراض نٿو ڪري سگھي.“[14]

ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي راءِ پنهنجي جاءِ تي اهم آهي، پر جيڪڏهن اسان گهرائيءَ سان ۽ تقابلي نوع ۾ شاهہ صاحب جو اڀياس ڪنداسين تہ شاهہ سائينءَ وٽ اسان کي آفاقي شاعرن وانگر هر نظرئي ۽ تصور يا لاڙي بابت ڪا نہ ڪا راءِ ملندي.

وحدت الشهود جي لاءِ چيل آهي تہ شهودي اصل ۾ پهاڙي علائقن جا هئا. سندن ڪرت ۾ جانور پالڻ ۽ جبل جهاڳڻ هو. هنن وٽ زمين جي زرخيزي ۽ زمين لاءِ ’مادرِ ڪائنات‘ جو تصور ناهي. هنن جي خمير ۾ پهاڙي پيچرن جهڙي سختي هوندي آهي. هنن وٽ ’اصل‘ سان ’وصل‘ جو تصور ئي ناهي. هنن جي تصور موجب ’حقيقت مطلق‘ هڪ ’ڄر‘ آهي، جنهن کان فاصلو ڪجي، جيڪڏهن ان جي قريب وڃبو تہ اها ڄر ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيندي. هنن وٽ، ”هر شيءِ کي اصل ڏانهن موٽڻو آهي“ جي نفي آهي. جيڪڏهن ڪٿي ان جو اثبات ملي بہ ٿو تہ وري وٽن اهو رايو ٿو ملي تہ، انسان جو اصل ذات مطلق ناهي.هنن جي خمير ۾ اهو تصور پڻ ويٺل آهي تہ جيئن جانور پنهنجي ٻچي کي ڄڻي، ڪجھ ڏينهن نپائي، ان کان لا تعلق ٿي ساڻس ڀيهر ناهي ملندو ائين ئي شيون هڪ ٻئي کان وڇڙيل رهنديون.





ڇيج م قطاران، سات چڙهندو لکيين،
ميڇڻ ٿئي پئان، وڳ واٽ ئي نہ لهين.
(گربخشاڻي، سُر حسيني، داستان 8، بيت 13)

ٻي پاسي وحدت الوجودين جي لاءِ مشهور آهي تہ اهي مٽي پاڻي ۽ چيڪي مٽيءَ جا رهواسي هئا. سندن خمير ۾ پڻ ساڳي مٺاڻ ۽ نرمي آهي. سندن چوڻ آهي تہ برف: پاڻي ۽ پاڻي؛ برف ٿي سگھي ٿو يا سمنڊ جو پاڻي مينهن جي صورت ۾ وسي، وري مٽيءَ جي سيني ۾ جذب ٿي، ڪٿان نہ ڪٿان وري ان سمنڊ ۾ ملي سگھي ٿو. انسان پڻ، ذاتِ واحد کان وڇڙيو آهي ۽ ان سان ملندو، هنن وٽ اصل ڏانهن موٽڻ وارو تصور موجود آهي، ڇاڪاڻ تہ هو ڪائنات کي سندس ئي روپ جو پرتوو سمجهن ٿا.

لهرِن لَکَ لِباسَ، پاڻِي پَسَڻُ هيڪِڙو،
اُونهي تَنهن عَمِيقَ جِي، واري ڇَڏِ وِماسَ،
جِتِ ناهِ نِهايَتَ نِينهَن جِي، ڪوءِ اُتِ پنهنجِي ڪاسَ،
تَڙَنِ جِي تَلاسَ، لاهِ تہ لالَنَ لَڳِ ٿِئين.
(سر سهڻي، داستان نائون، بيت ٽيون)

وحدت الوجودي اهل طريقت آهن، شاهہ طريقت جي ڳالهہ ڪري ٿو، جڏهن تہ وحدت الشهودي اهل شريعت آهن ۽ شاهہ شريعت جي بہ ڳالهہ ڪري ٿو. بلڪہ شاهہ صاحب جو انوکو فڪر اهو آهي جو هو پاڻي ۽ باهہ کي گڏ ڪٽي هلي ٿو، وٽس شرط آهي تہ صرف سچائيءَ جو. هو سچو آهي ۽ سچن سان گڏ آهي. اها ڳالهہ تہ جديد فلسفو بہ سلجهائي چڪو آهي تہ سچ ڪو واحد ناهي هوندو. هر فڪر جو پنهنجو سچ آهي جيڪو سندس لاءِ درست آهي. ضروري ناهي تہ اهو سچ ڪنهن ٻي جي سچ جهڙو هجي. هڪ جو سچ هڪ جو ئي هوندو تہ ٻي جو سچ ٻي جو هوندو. ائين ئي شهودين جو سچ سندن لاءِ سچ آهي تہ وجودين جو سچ وجودين لاءِ سچ آهي. شاهہ سچ جو ساٿاري آهي، پوءِ اهو سچ شهودين جو هجي يا وجودين جو.

اَڏرِ، نِڌرِ، اَيِرِي سَڌَرِ ٿيُ سچي،
سُپَڪِ ٿيُ، سَيَّدُ چئَي، پَهڻِن مَنجھ پَچِي،
مَعذُورِ تي مارو ڪيو، اولاڪَنِ اَچِي،
منجهان راهَ رَچِي، ٿِيَڙِي لالُ، لَطِيفُ چئَي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(سرسسئي آبري، داستان ائون، بيت ٽيون)

شاهه صاحب ته اڻ ڪئي عيان نه ٿيڻ جي ڳالهه ڪري ٿو:

اَڻَ ڪِـي عَـيـان نـه ٿـئـي، ڪِـي پـروڙي ڪـونَ،
سچِـي جـيـهِـي سـونَ، مـنـهـن نـه پـيـئـِي ماڙهُـوئـيـن.

(سر يمن ڪلياڻ، داستان ائون، بيت چوٿون)

"God is the creator of the Heavens and the Earth . . . He lives in all things."(15)

تصوف جو اهم متو اهو ئي آهي ته خدا ذرتيءَ ۽ جنت جو خلقڻهار آهي ۽ هو سيني شين ۾ رهي ٿو. هاڻي اهو انهن شين تي ٻڌل آهي ته، هو پنهنجي اصل خمير يا جوهر کي ڪيئن ٿيون سڃاڻن. ظاهر آهي عقل جي آڌار خلقت ۾ اتم درجو ماڻيندڙ حضرت انسان جو ئي پهريون فرض بڻجي ٿو ته هو پنهنجي اصل کي سڃاڻي. ابوالحسن نوري چوي ٿو:

"ڪجهه ماڻهن چاهيو ته اميد جي آسري
تو تائين پهچي وڃن
توئي ته انهن کي اهو سڀ ڪجهه سيکاريو آهي
ڏس!
مون پنهنجو هر خيال مٿائي ڇڏيو آهي
۽ پنهنجي پاڻ ۾ فنا ٿي ويو آهيان
ته جيئن آئون تنهنجو ٿي وڃان
مان ختم ٿي چڪو آهيان
مون کان هاڻ جدائي برداشت نٿي ٿئي."(16)

شاهه سائين چوي ٿو:

نـاامـيـدي نـجـهـري، پـيـهـي پـس الله،
چـٽـو ربـانـي راهُـه، مـرادن مـخـفـي ڪـيـو.

(گربخشاڻي، سُر سسئي آبري، داستان 1، بيت، 18)

"زمان ۽ مڪان پيدا ٿيڻ کان اڳ 'مطلق جمال' هيڪڙائيءَ جي حالت ۾ پاڻ تي ئي پنهنجي نور جو تجلو پئي ڪيو، پر جنهن صورت ۾ پاڻ کي پڌرو ڪرڻ حسن جو اصلي سڀاءُ آهي، تنهن صورت ۾ الاهي حسن ۾ پاڻ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪڙي قسم



Shah Abdul Latif Bhitai Chair



جي جنبش ٿي، آئون هڪ لڪل خزانو هيس، سڌ ٿيم ته پاڻ سڃاڻان تنهن ڪري مون خلق کي اپايو."(17)

۽ اهوئي ازلي حسن ۽ سونهن جو مينار جڏهن ڪائنات جي ذري ذري مان چلڪيو ته شاهه صاحب اسان کي ائين چوندي نظر آيو:

"جـيـڏانـهـن ڪـيـان پـرک، تـيـڏانـهـن سـڄـڻ سـامـهـون."

وجود ڪل جو حسن جيڪو ڪائنات جي هر ذري مان نظر آيو، اهو اصل ۾ 'اندڪتو' هو ۽ هيءَ ڪائنات، جنهن ۾ هر هنڌ ان سونهن جا سوين نمونا ملن ٿا، اها 'ڊڪتو' آهي.

"اهو 'وجود ڪل' ئي خدا آهي، جملي ڪائنات سندس هستيءَ جو مظهر يا عڪس آهي، جنهن کي عالم صفات چئجي ٿو، ان کي جدا هستي ناهي."(18)

اهو ئي وحدت الوجود جو متو ۽ معنيٰ آهي، جنهن کي مختلف ڏاهن مختلف نمونن سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڇاڪاڻ ته هن فڪر جي ڳوڙهائيءَ ڪارڻ ان کي سمجهائڻ ايڏو سولو ناهي. هن فڪر ۾ هڪ پاسي هن ڪائنات کي خدا جو عڪس سڏيو ويو آهي ته ڪائنات جي ذري ذري ۾ ان حقيقي ذات جي موجودگيءَ جي لاءِ پڻ شاهديون ڏنيو ويون آهن. هڪ پاسي چيو ويو آهي ته ڪائنات پکڙجي ته ست زمينون، ست آسمان ۽ سمنڊ ٿي وڃن، پر جي سُڪڙجي ته اهو 'بليڪ هول' ٿي وڃي، جنهن ۾ 'گاڊ پارٽيڪلس' قيد آهن. 'اندڪتو' ۽ 'ڊڪتو ٿيوريز' ۽ نظرين کي پڻ وحدت الوجود جي پيرائي ۾ نبيرڻ لاءِ ڪيترائي بحث ٿي چڪا آهن.

"Pane theism attempts to reassert the godhead as the totality of both actual and potential being. But unlike the 'God is all' stance of pantheism, pane theism (all in god) is closer to the theopantic position of 'God is all.' In other words, this view asserts that all things are within the being of God, but God is not subsumed or 'exhausted' by all things and is additionally something other than the world or cosmos itself.(19)

ٻي پاسي اسپنوزا ته اسان کي ايسيتائين چوندي نظر اچي ٿو ته ڪائنات آهي ئي ڪانه، صرف خدا آهي. يعني بقول ڀٽائي بادشاهه جي، "راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ٻيو ناهي ڪي."

"Spinoza (as Hegel interprets him) says that the world does not exist; only God exists."(20)

سنڌ جي سردار شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي خيالن جو اولهه جي ناليوارن فيلسوفن سان هم آهنگ نظر اچڻ ڪو اتفاق نه بلڪ اها سندس فڪر جي اُها



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آفاقي پهچ ۾ رسائي آهي جتي پهچي سڀ خيال ۽ نظريا هڪ تي وڃن ٿا. لاريب! شاهه جو ڪلام گوناگون خزانو آهي جنهن مان فڪر جي موتين کي ميڙڻ ۽ انهن کي عالم آشڪار ڪرڻ ڌرتيءَ واسين ۽ ڌرتيءَ جي وارث ڏاهن جو فرض آهي. اهو فرض ۽ قرض صرف ڪنهن فرد جو ناهي بلڪ انهن ادارن تي پڻ ذميواري عائد ٿئي ٿي جن جي هٿ وس ۾ نه صرف ڪوجنا جا وسيلا آهن بلڪ انهن جي پهچ عالمي ادارن تائين پڻ آهي. جيڪڏهن جديد تنقيدي طريقن سان شاهه سائينءَ جي شاعريءَ کي پرکيو ويو ته دنيا جو هي ننڍڙو خطو ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي طفيل عالمي سطح تي اها ميڃتا ۽ سڃاڻپ ماڻي وٺندو، جيڪا سڃاڻ ۽ ميڃتا شايد هن ڌرتيءَ کي اڃا حاصل ناهي ٿي.

## حوالا


1. Ramazan Altintas, ‘The Perception of Human in the Theology of Jalalu’d-Din al-Rumi’, *Global Virtue Ethics Review* Volume Six, Number 1, 2010, pp.50
2. صبا دشتياري، ’مطالع فلسفه‘، فهد پبلشنگ ڪمپني، ڪوئيٽه، ص: 95.
3. ڪاشف، محمد حسين،’لطيفي فڪر ۽ سرن جي ساڃاهه‘، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، 2005ع،ص: 17.
4. ساڳيو، ص: 53.
5. Syed M Askari Jaffery, ‘Nahajul Balagha`, sermons, letters and sayings of Hazarat Ali, trans. Associated printers Karachi, page, 2
6. BerysGaut and Dominic McIver Lopes, `The Routledge Companion to a Esthetics`, Taylor & Francis e-Library, 2005. Page 29.
7. مهراڻي، شير ،ڊاڪٽر، ’ شاهه جي شاعريءَ ۾ جماليات جو تصور‘، پي ايڇ ڊي، ٿيسز، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، 2013ع، ص: 38.
8. Bernard Daley Zaleha, ‘The Only Paradise We Ever Need’, Unitersity of Florida, 2008, P:24.
9. سعدالله جان برق، ’بگ بينگ اور وحدت الوجود‘، بُڪ هوم لاهور، 2009ع،ص: 115.
10. ساڳيو حوالو، 120.
11. مرزا، ممتاز، مرتب: ’لطيفي لاٽ‘، ڊاڪٽر دائود پوٽو، مقالو:’ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جو مسئلو‘، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون، 2012ع، ص: 154.
12. ساڳيو، ص: 156.
13. ساڳيو، ص: 156.
14. ساڳيو، ص:163.
15. Bernard Daley Zaleha, ‘The Only Paradise We Ever Need’, University of Florida, 2008, P:11.







16. پروفيسر، اي جي آربري، ڊاڪٽر اي آر نڪلسن، مترجم (اردو): پروفيسر ايس ايم طارق، ذوقي شاهه،’تاريخ فلسفه تصوف‘، سٽي بُڪ پوائنٽ ڪراچي، 2003ع، ص: 56.
17. گربخشاڻي، هوتچند مولچند ، ڊاڪٽر، ’مقدمه لطيفي‘ ، ص: 48.
18. سيد، جي ايم، ’ جيئڻ ڏنو آ مون‘، ص: 79.
19. Michael York, ‘Pantheism’, *Encyclopedia of Religion and Nature*, ed. Bron Taylor (London & New York: Continuum International, 2005), 1260
20. G. H. R. Parkinson, ‘Hegel, Pantheism, and Spinoza’, *Journal of the History of Ideas*, Vol. 38, No. 3 (Jul. - Sep., 1977), 450.

**نوٽ:** مقالي ۾ ڪتب آندل شاهه لطيف جا بيت هيٺين رسالن مان ڪنيا ويا آهن:

* آڏواڻي، ڪلياڻ، مرتب: ’شاهه جو رسالو‘، مڪتبه برهان اردو بازار، ڪراچي، 1976ع.

** گربخشاڻي، هوتچند مولچند، مرتب: ’شاهه جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2005ع.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair